# سنڌ آرڊيننس نمبر XIV مجريہ 1972
# SINDH ORDINANCE NO.XIV OF 1972
# زميني سڌارن جو ضابطو (سنڌ ترميم) آرڊيننس، 1972
# THE LAND REFORMS REGULATION (SIND AMENDMENT) ORDINANCE, 1972
## (CONTENTS) فهرست


تمهيد (Preamble)

دفعات (Sections)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

2. مارشل لا ريگيوليشن 115 جي پئرا گراف 7 جي ترميم
Amendment of paragraph 7 of MLR 115

3. مارشل لا ريگيوليشن 115 جي پئرا گراف 8 جي ترميم
Amendment of paragraph 8 of MLR 115

4. مارشل لا ريگيوليشن 115 جي پئرا گراف 10 جي ترميم
Amendment of paragraph 10 of MLR 115

5. مارشل لا ريگيوليشن 115 جي پئرا گراف 12 جي ترميم
Amendment of paragraph 12 of MLR 115

6. مارشل لا ريگيوليشن 115 جي پئرا گراف 13 جي ترميم
Amendment of paragraph 13 of MLR 115

7. مارشل لا ريگيوليشن 115 جي پئرا گراف 18 جي ترميم
Amendment of paragraph 18 of MLR 115

8. مارشل لا ريگيوليشن 115 جي پئرا گراف 19 ۽ 21 جي ترميم

Amendment of paragraph 19 and 21 of MLR 115

9. مارشل لا ريگيوليشن 115 جي پئراگراف 22 جي ترميم

Amendment of paragraph 22 of MLR 115

10. مارشل لا ريگيوليشن 115 جي پئراگراف 28 جي ترميم

Amendment of paragraph 28 of MLR 115

# سنڌ آرڊيننس نمبر XIV مجريه 1972
# SINDH ORDINANCE NO.XIV OF 1972
# زميني سڌارن جو ضابطو (سنڌ ترميم) آرڊيننس، 1972
# THE LAND REFORMS REGULATION (SIND AMENDMENT) ORDINANCE, 1972

[2 سيپٽمبر 1972]

آرڊيننس جنهن سان زميني سڌارن جي ضابطي مجريه 1972 ۾ وڌيڪ ترميم ڪئي ويندي.

تمهيد (Preamble)

جيئن ته هيٺ ڄاڻايل طريقي سان لينڊ رفارمس ريگيوليشن، 1972 (مارشل لا ريگيوليشن نمبر 115) ۾ ترميم ڪرڻ ضروري ٿي پئي آهي؛

۽ جيئن ته سنڌ جي صوبائي اسيمبليءَ جو اجلاس هلندڙ آهي ۽ سنڌ جو گورنر مطمئن آهي ته موجوده حالتن ۾ تڪڙو قدم ضروري ٿي پيو آهي؛

هاڻي تنهنڪري، اسلامي جمهوريه پاڪستان جي عبوري آئين جي آرٽيڪل 135 جي شق (1) تحت مليل اختيارن کي استعمال ڪندي، سنڌ جو گورنر، مٿي ڄاڻايل آئين جي آرٽيڪل 280 جي شق (3) مطابق صدر کان اڳواٽ منظور وٺڻ بعد هيٺيون آرڊيننس جوڙي نافذ فرمايو آهي.

مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and

1. (1) هن آرڊيننس کي زميني سڌارن جو ضابطو (سنڌ ترميم) آرڊيننس، 1972 سڏيو ويندو.

(2) اهو سموري صوبي ۾ نافذ ٿيندو.

(3) اهو هڪدم لاڳو ٿيندو ۽ سمجهيو ويندو ته 11 مارچ 1972 کان لاڳو ڪيو ويو آهي.

commencement

2. لينڊ رفارمس ريگيوليشن، 1972 (ايم. ايل. آر 115) ۾، جنهن کي ريگيوليشن چيو ويندو، ان جي پئراگراف 7 جي سب پئراگراف (1) ۾:

مارشل لا ريگيوليشن 115 جي پئراگراف 7 جي ترميم

Amendment of paragraph 7 of MLR 115

(a) شرطيه بيان جي شق (b) ۾ هيٺين ريت متبادل بڻايو ويندو ۽ سمجهيو ويندو ته اهو هميشه کان آهي، اهو آهي:-

”بشرطيڪ ڪنهن زمين جي منتقلي يا ڪنهن زمين تي ڪو حق يا مفاد پيدا ڪرڻ، جيڪو اهڙي ماڻهوءَ جي تحفي جي نتيجي ۾ هجي جنهن تي هيءَ شق لاڳو ٿئي ٿي، پر اهو هن کانپوءِ ايندڙ شرطيه بيان موجب، ڪنهن به صورت ۾ ڪميشن ان کي درست منتقلي نه ڄاڻيندي؛

وڌيڪ ته هيءَ شق لاڳو نه ٿيندي-

(i) جيڪڏهن ڪو ماڻهو تحفي طور يا ٻئي طريقي سان پنهنجي وارث کي زمين منتقل ڪري ٿو يا ان ۾ سندس ڪو حق يا مفاد ڏئي ٿو يا زمين گروي رکي ٿو؛ يا

(ii) جيڪڏهن ڪو ماڻهو پنهنجي غير شادي شده يا رنڊ پيئڻ کي، جنهن کي وڏڙن جي ورثي مان زمين جو حصو نه مليو آهي، تحفي ذريعي ڪا زمين ڏئي ٿو يا زمين ۾ سندس حق يا مفاد ڏئي ٿو؛ يا

(iii) اهڙي ڏيتي ليتي جنهن ذريعي متاستا ذريعي زمين ڏني وئي آهي، جنهن جي موٽ ۾ زمين جي برابر ايراضي جيتري ورتي وئي آهي يا ورتل زمين ڏنل زمين جي جيتري پيداوار ڏئي ٿي؛ ۽

(b) وضاحت II ڪڍي ويندي ۽ سمجهيو ويندو ته اها

جهڙوڪ شروع کان ونئي ڪئي وئي آهي.

3. ريگيوليشن جي پئراگراف 8 ۾، ذيلي پئراگراف (2) کانپوءِ هيءُ نئين ذيلي دفعہ پئراگراف شامل ڪئي ويندي، ۽ اهو سمجهيو ويندو تہ اها سدائين شامل ٿيل آهي، اها آهي:-

مارشل لا ريگيوليشن 115 جي پئراگراف 8 جي ترميم
Amendment of paragraph 8 of MLR 115

"3" ڪو بہ ماڻهو جيڪو هن ريگيوليشن نافذ ٿيڻ کان اڳ ڪنهن بہ وقت پر 21 ڊسمبر 1971ع کان اڳي نہ، تصديق شده زرعي ٽريڪٽر جو مالڪ ٿيو آهي، جيڪو ذيلي پئراگراف (2) جي شق (1) مطابق آهي يا جنهن پنهنجي زمين تي ڏهہ هارس پاور جو ٽيوب ويل لڳايو آهي، يا هن ريگيوليشن نافذ ٿيڻ کانپوءِ اهڙي ٽريڪٽر جو مالڪ بڻيو آهي يا پنهنجي زمين تي اهڙو ٽيوب ويل لڳايو آهي، ۽ اهو ذيلي پئراگراف (1) جي منحرف نہ آهي تہ اهو انهيءَ ٽريڪٽر جا ٽيوب ويل لڳائڻ جو جائز حقدار آهي، برابر اضافي ايراضي وٺي يا رکي سگهي ٿو جيڪا جملي چوڏهن هزار پيداواري يونٽن جي برابر هوندي.

بشرطيڪ ڪو ماڻهو جنهن 20 ڊسمبر 1971 تي زمين جي ايتري ايراضي رکندو هوندو جيڪا ٻارنهن هزار پيداواري جي برابر هوندي تہ اهو هن ذيلي پئراگراف جي روشنيءَ ۾ اضافي ايراضي وٺڻ جو حقدار نہ رهندو جيستائين هن ٻارنهن هزار پيداواري يونٽس ڏيندڙ ايراضي حڪومت حوالي نہ ڪندو."

4. ريگيوليشن جي پئراگراف 10 ۾-

مارشل لا ريگيوليشن 115 جي پئراگراف 10 جي ترميم
Amendment of paragraph 10 of

(a) ذيلي پئراگراف (1) ۾-

(i) لفظ "خدمت" کي "سول خدمت" سان بدلايو ويندو ۽ سمجهيو ويندو تہ اهو هميشہ کان متبادل بڻايو ويو آهي؛

MLR 115

۽

(ii) آخر ۾ هيٺ ڄاڻايل اضافو ڪيو ويندو ۽ سمجهيو ويندو تہ اهو اضافو شروع کان ئي ڪيو ويو هيو.

"وضاحت. هن ذيلي پئراگراف ۽ پئراگراف 12 جي ذيلي پئراگراف (1) جي شق (d) جي مقصدن لاءِ "سول سروسز آف پاڪستان" جو مطلب آهي اهڙي ڪا بہ سول سروس، آسامي يا عهدو جنهن جو تعلق وفاق يا صوبي سان هجي، ۽ جنهن ۾ شامل هجي ملازمت جهڙوڪ سپريم ڪورٽ يا هاءِ ڪورٽ جو جج، ڪمپٽرولر ۽ آڊيٽر-جنرل، چيف اليڪشن ڪمشنر ۽ وفاقي يا صوبائي پبلڪ سروس ڪميشن جو چيئرمين يا ميمبر، پر ان ۾ صدر، گورنر، وزير، مملڪتي وزير، يا اسپيڪر، ڊپٽي اسپيڪر يا قومي اسيمبلي يا صوبائي اسيمبليءَ جو ڪو ميمبر شامل نہ هوندا."

(b) ذيلي پئراگراف (2) ۾ لفظن، ڏنگين ۽ اعداد "جيئن ذيلي پئراگراف (1) ۾ ڄاڻايل ويو آهي." کي لفظن ڏنگين ۽ اعداد "جنهن کي ذيلي پئراگراف (1) لاڳو ٿئي ٿو" کي متبادل بڻايو ويندو ۽ سمجهيو ويندو تہ اهو هميشہ لاءِ متبادل هئو.

(c) ذيلي پئراگراف (3) ۾ لفظن "ڊفينس سروسز مان ڪا بہ" کي لفظن ۽ ڪامائن "بري، بحري يا هوائي فوج" سان متبادل بڻايو ويندو ۽ سمجهيو ويندو تہ اهو هميشہ کان متبادل بڻايو ويو آهي.

مارشل لا ريگيوليشن | 5. ريگيوليشن جي پئراگراف 12 جي ذيلي پئراگراف (1)

جي شق (d) ۾ لفظن ”ملازمتون“ کي ”سول ملازمتون“ سان متبادل ڪٽايو ويندو سمجهيو ويندو ۽ اهو هميشہ کان متبادل ڪٽايو ويو آهي.

115 جي پئراگراف 12 جي ترميم
Amendment of paragraph 12 of MLR 115

6. ريگيوليشن جي پئراگراف 13 ۾، ذيلي پئراگراف (2) کانپوءِ نئون ذيلي پئراگراف شامل ڪيو ويندو ۽ سمجهيو ويندو ۽ اهو هميشہ کان متبادل ڪٽايو ويو آهي، اهو نئون ذيلي پئراگراف هوندو.

”(3) جتي ڪو شخص ايتري ايراضي پاڻ وٽ رکي ٿو جيڪا پاڱي III جي روشنيءَ ۾ جيڪڏهن پاڻ وٽ رکڻ واري ايراضيءَ کان وڌيڪ آهي ۽ اها ليز جي صورت ۾ هجي يا گروي ۽ اهڙي اضافي زمين حڪومت جي حوالي نہ ٿيندي، بشرطيڪ جيڪڏهن اها هن ريگيوليشن جي بيان گنجائشن مطابق هئڻ تي ليزر يا گروي رکندڙ کي واپس ٿيندي، صورتحال جيئن بہ هجي.“

مارشل لا ريگيوليشن 115 جي پئراگراف 13 جي ترميم
Amendment of paragraph 13 of MLR 115

7. ريگيوليشن جي پئراگراف 18 ۾-

(a)ذيلي پئراگراف (1) ۾ لفظن اعداد ۽ ڪامائن ”ربيع 72-1971ع، ۽ جيڪڏهن ڪو اهڙو اهڙيءَ زمين لاءِ هاري ڪونهي، پوءِ جيڪو هاري روينيو رڪارڊ ۾ ڏيکاريو ويو آهي، سو خريف 1971 جو فصل لڻندو.“ جي بدران لفظن ۽ اعداد ”خريف 1971 ۽ ربيع 72-1971“ کي متبادل ڪٽايو ويندو ۽ سمجهيو ويندو ۽ ان کي شروع کان وٺي متبادل ڪٽايو ويو هو:

(b) ذيلي پئراگراف (3) ۾ لفظن ۽ اعداد ”ربيع 72-

مارشل لا ريگيوليشن 115 جي پئراگراف 18 جي ترميم
Amendment of paragraph 18 of MLR 115

1971 يا خريف 1971“ لفظن ۽ اعداد ”خريف 1971 ۽ ربيع 72-1971“ سان متبادل ڪيو ويندو ۽ اهو سمجهيو ويندو ته ان کي شروع کان وٺي متبادل بڻايو ويو آهي؛ ۽

(c)ذيلي پيراگراف (4) ۾، لفظ ”باغ“ کانپوءِ لفظ ”يا سرڪاري زمين کنهن کي قسطن تي ڏني وئي هجي ۽ جڏهن انهيءَ زمين جي قسط پيارل نه هجي“. شامل ڪيا ويندا ۽ سمجهيو ويندو ته اهي شروع کان ئي شامل هئا.

مارشل لا ريگيوليشن 115 جي پيراگراف 19 ۽ 21 جي ترميم
Amendment of paragraph 19 and 21 of MLR 115

8. ريگيوليشن جي پيراگراف 19 ۽ 21 جي شرطيه بيان ۾ ”سڄي جو سڄو يا ان جو حصو يا ايراضيءَ مان، جيڪا زمين، سرڪار درست ڄاڻ“ لفظن ۽ ڪامائن سميت آخر ۾ شامل ڪيا ويندا ۽ اهو سمجهيو ويندو ته اهي لفظ شروع کان شامل ڪيا ويا آهن.

مارشل لا ريگيوليشن 115 جي پيراگراف 22 جي ترميم
Amendment of paragraph 22 of MLR 115

9. ريگيوليشن جي پيراگراف 22 ۾-

(a) ذيلي پيراگراف (1) لاءِ هي متبادل بڻايو ويندو ۽ سمجهيو ويندو ته اهو شروع کان متبادل بڻايو ويو آهي:-

”(1) گڏ رکيل زمين جنهن جي ايراضي جيڪا گذاري لائق زمين کي ايراضيءَ جي برابر يا گهٽ هجي، اها ورهائي نه ويندي، سواءِ ان جي گڏيل رکيل زمين انفرادي يا اجتماعي طور رکيل آهي، جيڪا ساڳي ديهه يا ڳوٺ ۾ آهي، ۽ ان جي ورهاست زمين رکندڙن تي انفرادي يا اجتماعي طور تي اثرانداز ٿيندي هجي ۽ اها جيڪا گذاري لائق زمين کان گهٽ نه هوندي؛“

(b) ذيلي پيراگراف (3) لاءِ هي متبادل بڻايو ويندو ۽ سمجهيو ويندو ته اهو ائين شروع کان متبادل بڻايو ويو آهي:-

”(3) گڏ رکيل زمين جنهن جي ايراضي معاشي گذاري جيتري رکيل جي برابر آهي اها نہ ورهائي ويندي، سواءِ ان جي تہ زمين رکندڙن وٽ ساڳي ديهہ يا ڳوٺ ۾ ٻي پنهنجي زمين آهي، ۽ جيڪڏهن موجوده زمين ورهائي ويندي تہ اها زمين رکندڙن کي انفرادي يا اجتماعي طور تي اثر وجهندي، ۽ جنهن جي ايراضي معاشي گذاري جيتري زمين کان گهٽ ڪانهي“؛ ۽

(c) ذيلي دفعہ (6) لاءِ هن کي متبادل بڻايو ويندو ۽ سمجهيو ويندو تہ اهو شروع کان وٺي متبادل بڻايو ويو آهي.

”(6) هن پئراگراف جون گنجائشون اهڙين گڏيل زمين جي مالڪن تي لاڳو نہ ٿينديون۔

(a) پناهگيرن ۽ غير پناهگيرن جون اهي زمينون جن کي ريهبليشن سيٽلمينٽ اسڪيم جي طريقي ڪار مطابق ورهائڻو آهي؛ يا

(b) زمين جا مالڪ ۽ اهي مقاطعيدار جن جي هٿ ۾ زمين آهي، ۽ جنهن کي وقتي قانون مطابق ورهائڻو آهي.“

مارشل لا ريگيوليشن 115 جي پئراگراف 28 جي ترميم

Amendment of paragraph 28 of MLR 115

10. ريگيوليشن جي پئراگراف 28 ۾، هي وضاحت آخر ۾ شامل ڪئي ويندي ۽ اهو سمجهيو ويندو تہ اها شروع کان وٺي ان ۾شامل آهي:۔

”وضاحت۔ هن پئراگراف جي مقصدن لاءِ جنهن کي ڏني وئي هجي“ جو مطلب آهي:۔

(a) اهو هاري جنهن کي منسوخ ڪيل ريگيوليشن جي روشنيءَ ۾ وڪري واري اسڪيم مطابق زمين ڏني وئي آهي؛ يا

(b) ڳوٺ جو اهو هاري يا ننڍو ڪاتيدار جنهن کي منسوخ ڪيل ريگيوليشن جي اڌ گريڊنگ اسڪيم مطابق زمين ڏني وئي هجي.“

**نوٽ: آرڊيننس جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.**